مئي ١٩٣٨ع

# سنڌو

ايڊيٽر:- ٻولچند وسومل، اڇپال

چندو چار روپيه

قيمت:- ڇهه آنا




سال ٧ ] مئي ١٩٣٨ع [ انڪ ٧٧

# ڪافي

ٻلبل ٻون ٿيا ٻورڙي - سڄڻ سدا هي سورڙي

١- جوشون جگر ويڙو جلي - ڪنهن کي سليان دل جي ڳلي
سوري سڄڻ چاڙهيو هلي - جنهن چاڙهيو منصور ڙي

٢- ڪنهن ڳالهه کون ويڙهن چڏي - گولي نه نئي پنهنجي گڏي
هٿ هٿ آهيان لنهنجي لڏي - چيڏڪ ڪيو آهه چورڙي

٣- دم دم سنڀاريان ساهه سان - جاني جدا ڪيو ڀاڳ ڪان
هڻ هڻ نه گهر جي هٿن اوهان - جو ڏئي درد وڃن دورڙي

٤- طعنا لنڪا سڀڪو سدا - ڏي عشق وارن کي ادا
مهڻا ملامت جڳ سدا - سي سڀ مونکي منظورڙي

٥- بيڪس ملائيم ٻار سان - هوندي مڃي منٺار سان
دلڙي پنهنجي دلدار سان - جنهن لئي ٿيس مشهورڙي.

[ بيڪس ]

# ڳوٺن جو سڌارو

ڀارت ۾ نئين رنگ جو آڻيندو اڀارو. ڳوٺن جو سڌارو،
هن ديش جو ٿاهيندو نمونو نئين نيارو. ڳوٺن جو سڌارو.

١. اندازو وڏو خلق جو ڳوٺن ۾ وسي ٿو. بستين ۾ بسي ٿو،
آڻيندو نوي سيڪڙي آدم ۾ اڄارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٢. اُجڙيا جي هنر هند جا ڌنڌا جي ڏکاٽا. وسريا ۽ وساٽا،
جاڳائي ووي ڌن کي جيئاريندو دوبارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٣. بي علم رهن اند ۾ خود ملڪ جي ٻڌ ڪان. اخبار جي سڌ ڪان،
تعليم ڏئي عام، ڪندو دور انڌارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٤. جانورن ۽ وڏڙن، ڇوت هوا ۽ ٻرا صفائي. بيمار ڇهڪائي،
قانون صحت سان ڪندو هيٺن کي سگهارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٥. جو ڪيمت ڪندي ٻيمت ٻڪ وانگ اُگهاڙو. جهين ۾ ڪراڙو،
ڪڙميءَ کي ڏئي قوت ڪندو ٻرد ٻتارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٦. پنچايت ۾ جا لنگد لي قوت تي آڻي. چڪتاڻ ۾ ٿاڻي،
ميلاپ محبت سان ڪندو لڙهڪان ڪنارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٧. منو رلي غلامي ۽ جي هٿا ٿيندو وڏيا سان. سوراج سکيا سان،
آزاد خيالي ۽ جو وڃائيندو اهنارو. ڳوٺن جو سڌارو.

٨. **بيوس** تي چڙهي ڏيندو جڏي رسم پراڻي. بيڪار سا جاڻي،
برباد ڪندو وقت ۽ پئسو نه ٻيارو. ڳوٺن جو سڌارو.

شريمت ڪشنچند تيرٿداس کتري، [ بيوس ]

[٤]

سخاوت ۾ سچي دولت، لٽائي ڇڏ، لٽائي ڇڏ،
پنهنجو تون شان ۽ شوڪت، وڃائي ڇڏ، وڃائي ڇڏ،
انهيءَ ۾ آبرو عزت، گنوائي ڇڏ، گنوائي ڇڏ،
دنيا ۾ گر لئي ذلت، لنوائي ڇڏ، لنوائي ڇڏ،
اڏائڻ ۽ لٽائڻ ۾ ڪثر تون ڪين ڪا رکجانء.

[٥]

رکي تو آهه گيتا ٻڻ رکيو آهي تـوان گهر ۾،
رکي سوانح تو عمري آ شهيدن جو نشان گهر ۾،
رکيو ڪاشي مڪو آهي ڪا اصولي مڪان گهر ۾،
ڪيا ڪيڏا تو جهڳڙا ۽ بکيڙا اي ميان گهر ۾،
تون اهي پيد جا پستڪ پنهنجي گهر ۾ ٻيا رکجانء.

[٦]

اهو مالڪ سچو سڀ جو اهو خورشيد لاثاني،
رهي روشن ٻه ڪران جي سدا دائه تون درباني،
جنهين جي نور مان پيدا ٿيو سرمو سليماني،
رکي تون شوق وحدت جو نہ ڪر نادان نادانی،
جو تنهنجو پاڪ مالڪ آ تنهنجيسان تون وفا رکجانء.

[٧]

قدم راه طريقت ۾ وڌاءِ اڳتي اڙي نادان!
رکيو چاهي وڏائيءَ ۾ مسافر ناتوان مهمان،
نظارو موت جو وڃڻو هلي هر آدمي انسان،
سمجهه ۽ سوچ ڪر ظالم! نہ تي عالم ۾ تون حيران،
کٽي نيڪي، عذابن کان ڇٽل دارالبقا رکجانء!

مبارڪ علي - ع - ش (مبارڪ)

# ايشيا کنڊ جي سجاڳي


ليکڪ:- مولائي شيدائي

اُڻويهين صدي تائين يوروپي لوڪ سڄي ايشيا کنڊ مٿان ڇانئجي ويا، اُنجو سبب هي هو جو وٽن سٺا جنگي هٿيار ۽ فوجي تعليم هئي. ايشيائي قومن کي نئين نموني جي هٿيارن کان واقفيت ڪانه هئي، پر وري ته سندن حڪمران خود مختيار ۽ آپيشاهه هئا.

مغربي لوڪ واپارين، سياحن ۽ مشنرين جي لباس ۾ ايشيا ۾ وارد ٿيا. ايشيائي قومن جي غفلت، سادگي ۽ حڪمرانن جي ڪم طاقتي ۽ نفاقي مان فائده پرائي مٿن قبضو ڄمائي سندن گهرن جا مالڪ بڻجي ويٺا. مغربي قومن ايها دعوا پيش ڪئي ته اسان پورب ديش ۾ اَمن اَمان، نئي تعليم ۽ نئي تهذيب جي روشني آندي آهي. ڇا اُهي پنهنجي دعوا ۾ سچا ها؟ سندن تهذيب ۽ تعليم مشرق تي ڪيتري وقت تائين جٽاءُ ڪيو؟

اٽڪل اڌ صدي مس گذري ته مشرق وارا پنهنجي قديم آزادگي، سادگي ۽ آسودگي کي ياد ڪري آزاديءَ جي جنگ جي ميدان ۾ ٽپي پيا. مٿين بيداري لاءِ ٻه سبب هوا. (١) اڳ پورب ديش جون سموريون پيدا واريون پورب ۾ ئي رهنديون هيون جنهنڪري پيٽ جي سوال کان هرڪو آجو هئو. ڪمي لوڪن جو گذران ڳوٺاڻن هنرن تي منحصر هئو. يوروپي قومن سائنس جي ٻهاني سان نيون ڪلون ايجاد ڪري ڏکيو سمو پيدا ڪيو آهي. ايشيا کنڊ جون قيمتي پيدا واريون يورپ ڏانهن کڄڻ لڳيون، انڪري مشرق جا رهاڪو هر حال ۾ ڪنگال ٿي پيا. پيٽ جو سوال ڪين روزمره تنگ ڪرڻ لڳو. ويتر جو سندن نوجوانن مغربي تهذيب ڏانهن لاڙو رکيو اُنڪري قديم سادگي بدران منجهن عياشي ۽ ڪاهلي پيدا ٿيڻ لڳي. (٢) اُڻويهين صدي جي آخر تائين ته مشرق تي مغربي لوڪن جي فوجي قابليت ۽ فوجي هٿيارن جو سڪو ويٺل هو پر ١٩٠٤ ۾ مشرقي قومن مان جاپان جهڙي ننڍڙي ملڪ رشيا جهڙي عظيم الشان مغربي طاقت کي خشڪي ۽ بحري رستي جيتي مشرقي قومن جي دلين ۾ هڪڙي نئي اُميد

Reg No. S. 437. MAY 1938




اسان هي ۽ واچ ڪمي ماڻهن
لاءِ ٺاهي آهي!

هي واچ آهي جا هر ڪو
ڪمي ماڻهو وٺي سگهي ٿو
”ويسٽ اينڊ“ واچ ٺهڻ
روپين ۾ بناوت ۽ مال ۾ بي
عيب. ”سيڪنڊس“ بنا چابي ۽
ليور پاڪيٽ واچ مضبوط سهڻي
۽ وسي جهڙي آهي. سالن جا
سال پورو وقت ڏيندي.

ڊي ”سيڪنڊس“ بنا
چابي ليور پاڪيٽ واچ تمام
قيمت خرچ واري ۽ خاطري ۽
جهڙو پورو وقت ڏيندڙ.
اڪل سلور ٠-٠-١٣ روپيه

وڏو با تصوير ڪئٽلاگ
لکڻ تي مفت موڪليو ويندو

ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني بمبئي ۽ ڪلڪتا

WEST END WATCH Co.

BOMBAY CALCUTTA